# پُٽ ھجي تہ اھڙو



هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پُٽ هجي تہ اهڙو!

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرودِ پاڪ موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پُٺيان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلٰي، ج۳،ص۹۵، حديث۲۹۵۱ دارالڪتب العلميه بيروت)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عفُوّ و غفور

بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِلجُوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب!   صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪريان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل

[1] (المعجم الكبير للطبراني، ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ ”ترجموكنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود تيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٿهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جُهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام ، الله عَزَّوَجَلَّ جا مقرّب ۽ چونڊيل نبي آهن، الله عَزَّوَجَلَّ سندن کي خصوصي انعامن سان نوازيو آهي، اهو ئي سبب آهي تہ سندن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان جيترِيون بہ آزمائشون آيون، پاڻ ان ۾ توفيقِ الٰهي سان ثابت قدم رهيا، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو هڪ مشهور واقعو ۽ پوءِ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گُل بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

## ٽن راتين کان هڪ ئي خواب:

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اٺين ذوالحج جي رات هڪ خواب ڏٺو



www.dawateislami.net

جنهن ۾ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: ”بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توکي پنهنجو پُٽ ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.“ پاڻ صبح کان شام تائين انهيءَ باري ۾ غور فرمائيندا رهيا تہ هي خواب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي يا شيطان جي طرفان؟ اُن ذوالحج جو نالو يَوْمُ التَّرْوِيَه (يعني سوچ ويچار جو ڏينهن) انهيءَ ڪري رکيو ويو. نائين (ذوالحج) جي رات وري ساڳيو خواب ڏٺائون ۽ صبح يقين ڪري ورتائون تہ هي حڪم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي. ان ڪري 9 ذوالحج کي يَوْمِ عَرَفَه (يعني سڃاڻپ وارو ڏينهن) چيو ويندو آهي. ڏهين (ذوالحج) جي رات وري اهوئي خواب ڏسڻ کان بعد پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صبح جو هن خواب تي عمل ڪرڻ يعني پُٽ جي قرباني جو پڪو ارادو ڪري ورتو، انهيءَ ڪري 10 ذوالحج کي يَوْمُ النَّحْر يعني ”ذَبح جو ڏينهن“ چيو ويندو آهي.

(تفسير ڪبير ج 9، ص 346)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حڪمِ خداوندي جي تڪميل جو نرالو انداز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو مقام ۽ مرتبو تمام مخلوق کان بلند ۽ اعلیٰ آهي، تنهنڪري انهن تي اچڻ وارا امتحان بہ ايتري قدر شديد هوندا آهن، پر قربان وڃو، ان مقدس هستين جي صبر و استقلال تي جو اهي ان راهہ ۾ اچڻ واري هر مصيبت ۽ مشڪل کي خوشي خوشي برداشت ڪري نہ صرف بارگاهِ الٰهي ۾ سُرخرو ٿي بلند درجات حاصل ڪندا آهن بلڪ مستقبل ۾ اچڻ وارن امتحانن جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي ۽ گهروارن کي هر وقت تيار رکندا آهن، انهن جون اهي ئي قربانيون رهندڙ



www.dawateislami.net

دنيا تائين ماڻهن جي لاءِ مشعلِ راهہ بڻجي ويندي آهي. جڏهن تہ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا خواب وَحي هوندا آهن.

(مستدرڪ،تفسير سورة الصافات، ۲۱۴/۳، حديث:۳٦٦٥)

تنهنڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سمجهي ويا تہ منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي پنهنجي پُٽ کي ذبح ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي. فورًا پنهنجي لَختِ جگر کي فرمانِ خداوندي تي قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ پاڻ سڄو معاملو پنهنجي ننڍي ڄمار واري پُٽ حضرتِ اِسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي تہ آئون توکي ذبح ڪريان، هاڻي تون ٻڌاءِ تنهنجي ڇا راءِ آهي. تفسيرِ خازِن ۾ آهي تہ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام حضرتِ اِسمٰعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان ان لاءِ مشورو نہ گهُريو تہ جيڪڏهن انهن جي مرضي نہ هجي تہ انهن جي راءِ تي عمل ڪن بلڪ ان مان حضرتِ اِسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جو امتحان مقصود هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان ملڻ واري آزمائش تي انهن جا ڇا جذبات آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي اطاعت ۽ ان جي طرف کان ملڻ واري مَشَقَّت تي صَبر ۽ ثابت قدمي جو علم ٿي وڃي ۽ اهي حڪمِ خداوندي جي بجا آوري تي ملڻ واري ثواب کي حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي سگهن. (تفسير خازن ۴/۲۲،ملخصاً)

حضرت سَيِّدنا ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن حضرتِ سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي جڏهن هي خواب بيان فرمايو تہ ان پيڪرِ تسليم و رِضا جيڪو جواب ڏنو ان کي قرآنِ پاڪ ۾ سيپاري 23 سُورَةُ الصّٰفّٰت جي آيت نمبر 102 ۾ هنن لفظن سان بيان ڪيو ويو آهي:



www.dawateislami.net

يٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ٞ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ ﴿۱۰۲﴾

(سيپارو 23، سورهٔالصّٰفّٰت آيت 102)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي منهنجا پيءُ ڪر جنهن ڳالهہ جو توکي حڪم ٿئي ٿو، ان شاءَ اللّٰه عنقريب تون مون ڪي صبر وارو لهندين.

## مونکي رسين سان مضبوط ٻڌي ڇڏجو

تفسيرِ خازن ۾ آهي تہ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي والد محترم کي عرض ڪيو: بابا جان! ذبح ڪرڻ کان پهريان مون کي رسين سان مضبوط ٻڌي ڇڏجو تہ جيئن مان حرڪت نہ ڪري سگهان ڇو تہ مون کي ڊپ آهي تہ منهنجي ثواب ۾ گهٽتائي نہ اچي وڃي ۽ منهنجي رت جي ڇنڊن کان پنهنجن ڪپڙن کي بچائجو تہ جيئن انهن کي ڏسي منهنجي امڙ غمگين نہ ٿئي. ڇري چڱي طرح تيز ڪري ونو تہ جيئن منهنجو ڳلو فوراً چڱي طرح ڪٽجي وڃي ڇو تہ موت ڏاڍو سخت هوندو آهي، توهان مون کي ذبح ڪرڻ وقت منهنجي پيشاني زمين جي طرف ڪجو تہ جيئن توهان جي نظر منهنجي چهري تي نہ پوي ۽ جڏهن توهان منهنجي امڙ ڏي وڃو تہ منهنجا سلام پهچائجو ۽ جيڪڏهن توهان مناسب سمجهو تہ منهنجي قميص انهن کي ڏئي ڇڏجو، هن سان انهن کي تسلي ٿيندي ۽ صبر اچي ويندو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: اي منهنجا پُٽ! توهان اللّٰه تعاليٰ جي حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ منهنجا ڪيڏا نہ عمده مددگار ثابت ٿي رهيا آهيو! پوءِ جيئن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو هو انهن کي اهڙي ئي طرح ٻڌي پنهنجي ڇُري تيز ڪئي، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي پيشاني ڀر ليٽايو، انهن جي چهري تان نظر هٽائي ۽ انهن جي ڳلي تي ڇُري وهائي ڇڏي پر ڇُري پنهنجو ڪم نہ ڪيو يعني ڳلو نہ ڪٽيو.

(تفسير خازن ج 4، ص 22 ملخّصاً)



www.dawateislami.net

## جنّتي دُنبوءِ مبارڪ ڪَلمات جو مجموعو

حضرت سَيِّدُنا اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن حضرت سَيِّدُنا اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ زمين تي ليٽايو تہ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام الله تعالٰي جي حڪم سان فديي طور جنّت مان هڪ دنبو ڪٺي آيا ۽ پري کان وڏي آواز ۾ فرمايائون: اَللهُ اَكۡبَرُ اَللهُ اَكۡبَرُ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هي آواز ٻڌو تہ پنهنجو متو آسمان جي طرف ڪنيائون ۽ سمجهي ويا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ايندڙ آزمائش جو وقت گذري چڪو آهي ۽ پُٽ جي جڳهہ تي فديي ۾ دنبو موڪليو ويو آهي، لهٰذا خوش ٿي فرمايائون: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكۡبَرُ جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هي ٻڌو تہ فرمايائون: اَللهُ اَكۡبَرُ وَلِلّٰهِ الۡحَمۡدُ، هن کان بعد انهن ٽنهي پاڪ هستين جي انهن مبارڪ لفظن جي ادائگي جي اها سنّت قِيامت تائين جاري ۽ ساري ٿي وئي. (بنايہ شرح هدايہ ج3، ص130)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي ۾ اسان جي لاءِ بہ مدني گُل موجود آهن. جيئن تہ توهان ملاحظہ فرمايو تہ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جن حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي پنهنجو خواب ٻڌايو تہ پاڻ بجاءِ غمگين ۽ خوفزده ٿيڻ جي فرحت ۽ مسرت سان جهومڻ لڳا تہ منهنجي خوش قسمتي جو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي قرباني جي لاءِ طلب فرمايو آهي ۽ بَخوشي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ قربان ٿيڻ جي لاءِ راضي ٿي ويا، ان جي برعڪس جيڪڏهن ڪنهن تي ٿوري آزمائش اچي وڃي يا ڪا تڪليف پهچي تہ شِڪوه شڪايت بلڪ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ بي صبري جو مظاهرو ڪندي گهڻو ڪري ڪفريات بَڪي ڇڏيندا آهن ۽ ربّ تَعَالٰي جي ناراضي جو شڪار ٿي ويندا آهن، اهڙي موقعي تي خوب صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي تہ هي



www.dawateislami.net

آزمائش بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان رحمت آهي، جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”بيشڪ گهڻو اَجر سخت آزمائش تي ئي آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن قوم سان محبت ڪندو آهي تہ انهن کي آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي، تہ جيڪو ان جي قضا تي راضي رهي ان جي لاءِ رضا آهي ۽ جيڪو ناراض ٿئي ان جي لاءِ ناراضي آهي.“ (ابن ماجه، ڪتاب الفتن، باب الصبر علي البلاء، رقم ۴۰۳۱، ج۴، ص ۳۷۴) هن واقعي مان تربيتِ اولاد جو بہ درس ملي ٿو تہ اسان جا ٻار جيڪڏهن اسان جي دل جو چين ۽ اکين جو نُور هجن پر ان کان پهريان اسين الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها، نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اُمّتي ۽ معاشري جا اهم فرد بہ آهيون. جيڪڏهن اسان جي تربيت انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ سُنّتن سان محبت ۽ گناهن کان نفرت نہ ٿي ڏياري سگهي تہ انهن کي پنهنجو فرمانبردار ٻڻائڻ جو خواب ڏسڻ بہ ڇڏي ڏيڻ گهرجي، ڇو جو هي اسلام ئي آهي جيڪو هڪ مسلمان کي پنهنجي والدين جو مطيع ۽ فرمانبردار ٻڻجڻ جي تعليم ڏئي ٿو. تنهن جي ڪري اسان کي اولاد جي ظاهري زيب و زينت، چڱي لباس ۽ ٻين ضرورتن سان گڏوگڏ انهن جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت جي لاءِ بہ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شهرِ مكّةُ المكرّم جي آبادڪاري

حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن حضرتِ سَيِّدُنا اِسمٰعيل جي والده حضرتِ هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا حضرتِ سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي مڪي شهر



www.dawateislami.net

وني آيا ۽ انهن کي اُتي ڇڏي ڏنو، انهي دوران هڪ ڊگهو عرصو گذري ويو ۽ مڪّۂ مڪرمہ ۾ ٿئي قبيلو جُرهم آباد ٿيو ۽ اهي بہ اُتي رهڻ لڳا. (انهي عرصي ۾ حضرتِ اِسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام بہ جوان ٿي چڪا هئا) حضرت سَيّدُنا اِسمٰعيل عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن انهن جي هڪ عورت سان شادي ڪري ورتي ۽ انهن جي والده حضرتِ سيِّدتنا هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو ان عرصي ۾ وصال ٿي ويو. چڱو عرصو گذرڻ کان پوءِ حضرتِ ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي پُٽ حضرت سَيّدُنا اِسمٰعيل عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي گهر تشريف وني آيا ۽ انهن جي گهرواريءَ کان پڇيو: توهان جا صاحب (مُڙس) ڪٿي آهن؟ انهن عرض ڪيو: اُهي شڪار جي لاءِ تشريف وني ويا آهن، اللهُ عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي!توهان تشريف رکو اهي اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ هاڻي بس اچي رهيا هوندا. حضرت سَيّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن پڇيو: توهان وٽ کائڻ جي لاءِ ڪجهہ آهي؟ انهن عرض ڪيو: جي ها! ۽ ان وقت ٿئي کير ۽ گوشت حاضرِ خدمت ڪيو. حضرت سَيّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن انهن کان گذربسر جي باري ۾ پڇيو، تہ حضرتِ سيّدنا اِسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي گهرواريءَ عرض ڪيو: اسان خير سان آهيون ۽ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ خوش حال بہ آهيون. تہ حضرت سَيّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن انهن ٻنهي جي لاءِ دعاءِ برڪت فرمائي پوءِ حضرت سَيّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انهن کي چيو تہ جڏهن تنهنجا گهروارا اچن تہ انهن کي منهنجا سلام ڏجو، ۽ چئجو تہ پنهنجي دروازي جي چائنٺ کي باقي رکن. جڏهن حضرتِ سيّدنا اِسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف وني آيا تہ انهن پنهنجي والدِ محترم جي خوشبو محسوس ڪئي تہ پنهنجي گهرواريءَ کان پڇيو: ڇا اڄ هتي ڪو آيو هو؟ انهن جواب ڏنو: ها هڪ خوبصورت چهري وارا ۽ سني خوشبو وارا بزرگ تشريف وني آيا هئا، ان



www.dawateislami.net

ڪان بعد انهن تمام معاملو ٻڌايو. ۽ هي بہ چيو تہ مون انهن جو مٿو مبارڪ ڌوتو هو ۽ انهن جي قدمن جا نشان آهن. حضرتِ سيّدنا اِسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جن پورو واقعو ٻڌي ڪري ارشاد فرمايو: اهي منهنجا والد حضرت ابراهيم هئا ۽ منهنجي دروازي جي چائنٺ مان مراد تون آهين ۽ انهن مون کي حڪم ڏنو آهي تہ آئون توکي روڪي رکان. (روح البيان،۱/۲۲۵ ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اهو درس ملي ٿو تہ جڏهن ڪو مهمان اچي تہ اسان کي پنهنجي حيثيت جي مطابق ان جي مهماني ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي غربت ۽ تنگدستي جو اظهار ڪرڻ جي بجاءِ هر حال ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، پنهنجي ڀينرن، ڌيئرن ۽ پنهنجي ٻارن جي ماءُ جي تربيت ڪندي انهن کي گهرواري جي حقن جي ادائگي ۽ ان جي شڪر گذار گهرواريِ بنجڻ ۽ ناشڪري ۽ احسان فراموشي کان بچڻ جو ذهن ڏيڻ گهرجي. يقيناً نيڪ سيرت ۽ مثالي گهرواريءَ جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ اها هميشہ پنهنجي مڙس جي نعمتن جي شڪر گذار رهندي آهي ۽ ڪڏهن بہ انهن احسانن جو انڪار ڪري ناشڪري ناهي ڪندي اها چڱي طرح ڄاڻيندي آهي تہ مڙس مون نازڪ جي لاءِ هڪ مضبوط سهارو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهي، اهو ئي منهنجي ضرورتن کي پورو ڪندو آهي ۽ ان جي سبب مون کي اولاد جي نعمت ملي آهي. پر بدقسمتي سان اسان جي معاشري ۾ ڪيتريون ئي اسلامي ڀينرن ناشڪري جي وبال ۾ گرفتار آهن، ٿورو ڪنهن جو چڱو گهر، قيمتي ڪپڙا ۽ قيمتي زيورات ڏسن تہ ناشڪري تي لهي اينديون آهن ۽ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ الله تَعَالٰي تي اعتراض ڪندي ڪجهہ هن طرح جي گفتگو ڪنديون آهن تہ ”خدا اسان



www.dawateislami.net

کي نہ جاڻي ڪھڙي جُرم جي سزا ۾ مفلس ۽ غريب ٻڌائي ڇڏيو. آئون تہ آھيان ئي بدقسمت جو نہ پيڪَن ۾ سُک نصيب ٿيو نہ ساھِرَن وٽ ڪجھ ڏٺو، فُلان کي ڏسو عيش ۽ آرام ۾ زندگي بسر ڪري رھي آھي ۽ آئون ھتي فاقن سان مري رھي آھيان، وغيره وغيره.“ اھڙي طرح ڪن جي تہ ھي عادت ھوندي آھي جو انھن کي سنو ۽ عمده ڪاڏو ڪارائيندو پياريندو رھجي گڏوگڏ انھن کي پنھنجي حيثيت ۽ طاقت جي مطابق ڪپڙا، زيورات ۽ ٻيو سازوسامان ڏيندو رھجي پر ڪنھن مجبوري جي سبب ڪا خواھش پوري نہ ڪري سگھجي تہ اھي مڙس جا پوري زندگيءَ جا احسان وساري ان جي ناشڪري ڪندي چونديون آھن تہ ”ھاءِ مونکي ھن گھر ۾ ڪڏھن سُک نصيب نہ ٿيو، تون منھنجي ڪڏھن ڪا خواھش پوري ئي نہ ڪئي. منھنجي تہ قسمت ئي خراب آھي جو توسان شادي ڪئي وئي وغيره وغيره“ (جنّتي زيور،ص ١٢٥،ملخصاً) ياد رھي! تہ ناشڪري جا اھي لفظ نہ صرف عورت جي دنياوي زندگي کي اُجاڙي ڇڏيندا آھن بلڪ ان جي آخرت بہ برباد ڪري سگھن ٿا. جيئن تہ

ٻنھي جھانن جي تاجور، سلطانِ بحروبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آھي: مون جھنم ۾ اڪثريت عورتن جي ڏٺي . صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن عرض ڪيو: يَا رَسول اللهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو ڇا سبب آھي؟ فرمايو: ڇو جو اھي ناشڪري ڪنديون آھن. پڇيو ويو تہ ڇا اھي الله عَزَّوَجَلَّ جي ناشڪري ڪنديون آھن؟ ارشاد فرمايو: اھي مُڙس ۽ ان جي احسان جي ناشڪري ڪنديون آھن.۽ جڏھن توھان ڪنھن عورت سان پوري عُمر چڱو سلوڪ ڪيو پرتوھان ۾ ڪا ناپسنديده ڳالھ ڏسندي تہ چوندي: مون تہ ڪڏھن تو مان ڀلائي ڏٺي ئي ناھي.

(بخاري،ڪتاب النڪاح ، باب ڪفران العشير...الخ، ٣/٤٦٣، حديث:٥١٩٧)



www.dawateislami.net

۽ جيڪي اسلامي ڀينرون عقلمندي جو ثبوت ڏينديون پنهنجي مُڙس جي فرمانبرداري ۽ شڪر گذار گهرواري بڻجڻ جو ڪردار نڀائينديون آهن، انهن جي لاءِ جنت جي بشارت آهي، جيئن تہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جيڪا عورت پنج نمازون پڙهي، رمضان جا روزا رکي، پنهنجي عزت ۽ ناموس جي حفاظت ڪري ۽ پنهنجي مُڙس جي اطاعت ڪري تہ ان کي چيو ويندو تہ جنت جي جهڙي بہ دروازي مان چاهين جنت ۾ داخل ٿي وڃ.

(مسند امام احمد، مسند عبد الرحمن بن عوف، ۱/ ۴۰۶، حديث:۱۶۶۱)

ياد رکو! مڙس جي ناشڪري ڪان ان لاءِ بہ بچڻ گهرجي جو مسلسل ان طرح جون ڳالهيون مڙس جي دل ۾ نفرت ۽ عداوت جو طوفان پيدا ڪنديون آهن ۽ جيڪڏهن خدانخواستہ ان جي سبب تعلّقات ڪمزور ٿيڻ لڳا تہ پوري عُمر پڇتائڻ ڪان علاوه ڪجهہ هٿ نہ ايندو. بهرحال ڪامياب زال اها ئي آهي جيڪا ڪڏهن بہ ناشڪري جا لفظ زبان تي نہ آڻي ۽ هميشہ مڙس جي شڪر گذار بڻجي ان جي دل خوش ڪندي رهي. زال مڙس جي درميان محبت ۽ الفت جو هي خوبصورت رشتو چڱي نموني سان انهيءَ وقت ئي هلي سگهي ٿو جڏهن اهي ٻئي هڪ ٻئي جا حق چڱي طرح ادا ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حضرتِ اِسمٰعيل عَلَیْہِ السَّلَام جون صفتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي الله عَزَّوَجَلَّ بي شمار خوبين سان نوازيو ۽ قرآن ڪريم ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي سندن جو ذڪر ٿيو، پاڻ معمارِ ڪعبہ (ڪعبہء معظّمہ تعمير ڪرڻ وارا) ۽ بانيءِ مڪة المڪرمہ آهن. حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جَدُّالعرب (اهلِ عرب جا ڏاڏا) ۽



www.dawateislami.net

پاڻ اَبُو العرب (اهلِ عرب جا والد) آهن. آبِ زم زم سندن جو معجزهء ارهاصي (اعلانِ نبوت کان پهريان صادر ٿيڻ وارو معجزو) آهي جيڪو قيامت تائين باقي آهي قيامت تائين بہ (2) معجزا باقي رهڻ وارا آهن، هڪ آبِ زم زم جو چشمو جيڪو اسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڪُڙي مان نڪتو ۽ ٻيو دينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني قرآنِ ڪريم، حديثِ پاڪ ۽ ان جا قانون ۽ عبادتون. (تفسير نعيمي، ١٦/٢٨٥)

## حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي يادگار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آبِ زم زم شريف قيامت تائين باقي رهڻ وارو معجزو آهي، ان کي حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان نسبت جي سبب دنيا جي سيني پاڻين تي ڪيترن ئي اعتبارن سان فضليت ۽ فوقيت حاصل آهي. ڪيترائي سال گذرڻ جي باوجود بہ هي پاڻي مخلوقِ خدا کي فيضياب ڪري رهيو آهي ۽ ظاهري ۽ باطني مرضن کان شفا جي دولت بہ تقسيم ڪري رهيو آهي. منهنجي آقا اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ارشاد فرمايو: زم زم شريف جو هڪ معجزو هي بہ آهي هر وقت مزو تبديل ٿيندو رهندو آهي. ڪڏهن ٿورو کارو، ڪڏهن تمام منو ۽ رات جو بہ (2) بجي کان پوءِ پيتو وڃي تہ تازو ڏوهيل ڳئون جو خالص کير معلوم ٿيندو آهي. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) زم زم شريف کنهن وٽ ڪافي مقدار ۾ هجي ان کي نہ کنهن غذا جي ضرورت، نہ دوا جي.

(ملفوظاتِ اعلٰي حضرت، ص۴۳۵)

حديث شريف ۾ آهي: زم زم کاڌي جي جڳهہ تي کاڌو ۽ دَوا جي جڳهہ تي دَوا آهي. (مصنف ابن ابي شيبه،کتاب الحج،باب في فضل زمزم، ٣٥٨/۴،حديث:٢) اچو تہ! هاڻي آبِ زم زم جي فضائل تي ٽي (3) فرمانِ مصطفٰي ٻڌون ٿا. جيئن تہ



www.dawateislami.net

1. **آبِ زم زم** دنيا ۽ آخرت جي جنهن مقصد جي لاءِ بہ پيتو وڃي ڪافي آهي.
(سنن ابن ماجة، ابواب المناسک، باب الشرف من زمزم، ج ٣، ص٤٩٠، حديث:٣٠٦٢، بدون ”من امرالدنيا والآخرة“)

2. **آبِ زم زم** پيٽ ڀري پيئڻ نفاق کان ڇوٽڪارو ڏيندو آهي.
(فردوس الأخبار،باب التاء،حديث:٢٢٥٥، ٣٠٩/١)

3. **آبِ زم زم** زمين جي سطح تي موجود سيني پاڻين کان افضل آهي.
(معجم الكبير،حديث:١١١٦٧، ٨٠/١١)

## آبِ زمزم شعائرُاللّٰه آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اللّٰه تبارک وتعاليٰ ان مقدس پاڻي کي ڪيتري قدر شان ۽ شوڪت ۽ برڪتن سان نوازيو آهي تہ جتي هي مسلمانن جي دلين ۾ قيامت تائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نبي حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل ذبيح اللّٰه عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ياد ۽ ان جي محبت تازي ڪندو رهندو، اُتي هي بابرڪت پاڻي بيمارن، پريشان حالن، ڏکايلن ۽ غم ۾ ورتلن جي جسماني ۽ روحاني مرضن ۾ شفا جو سبب بہ ٿيندو. واقعي جنهن شيءِ کي اللّٰه وارن جي مبارڪ جسم سان نسبت حاصل ٿي وڃي ان جو شرف ۽ عظمت وڌي ويندي آهي بلڪ اهي شعائرُ اللّٰه (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جون نشانيون) بڻجي وينديون آهن. جيئن تہ مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنَّان فرمائن ٿا: صفا ۽ مروه اهي جبل آهن جن تي حضرت هاجره (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا) پاڻي جي تلاش ۾ ست (7) ڀيرا چڙهيون ۽ لٿيون. ان اللّٰه واريءَ جا قدم پوڻ جي برڪت سان هي ٻئي جبل شَعائرُاللّٰه بڻجي ويا ۽ قيامت تائين حاجين تي ان پاڪ بي بي جي نَقل ڪندي ان تي ست (7) ڀيرا چڙهڻ ۽ لهڻ لازم ٿي ويو. بزرگن جا قدم لڳڻ سان اها شيءِ شَعائرُاللّٰه بڻجي ويندي آهي.



www.dawateislami.net

(مزيد فرمائن ٿا:) طورِ سينا جبل ۽ مڪہء معظمہ ان لاءِ عظمت وارا بڻجي ويا جو طور کي ڪَلِيمُ الله (يعني موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام) سان ۽ مڪہء معظمہ کي حبيبُ الله (يعني اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان نسبت ٿي وئي. خلاصو هي آهي تہ الله جي پيارن جون شيون شَعائرُالله آهن جيئن **قرآن شريف، خانہء ڪعبہ، صفا مروه** جبل، **مڪہء معظمہ، بيت المقدس، طورسينا، اولياءِ ڪرام** ۽ **انبياءِ ڪرام** جا مقبرا (يعني مزارات) **آبِ زمزم** وغيره.

(علم القرآن،ص۴۸-۵۰ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

قرآن ڪريم ۾ حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو اسمِ گرامي ڪيترين ئي جڳهن تي آيو آهي ۽ هر جڳهہ تي سندن جي شان ۽ عظمت جو ذڪر موجود آهي. جيئن تہ هڪ جڳهہ تي الله عَزَّوَجَلَّ سندن عَلَيْهِ السَّلَام جون خوبيون هنن لفظن سان بيان فرمايون آهن: جيئن تہ سيپاري 16 سُوْرَةُ مَرْيَم جي آيت نمبر 54 ۽ 55 ۾ ارشادِ باري تعالٰي آهي:

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ٘ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَ كَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾ وَ كَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ۪ وَ كَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿۵۵﴾ (پ:16، سوره، مريم آيت 54،55)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ ياد ڪر ڪتاب ۾ اسماعيل کي بيشڪ اهو واعدي جو سچو هو ۽ رسول هو غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ ۽ حڪم ڏيندو هو پنهنجي گهروارن کي نماز ۽ زڪوٰة جو ۽ پنهنجي ربّ کي پسند ڪندو هو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ مبارڪ ۾ حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جون چار مبارڪ صفتون بيان ڪيون ويون آهن (1) توهان



www.dawateislami.net

صادقُ الوعد يعني واعدي جا سچا (2) غيب جون خبرون ڏيڻ وارا (3) اهل و عيال کي نماز ۽ زکواة جو حڪم ڏيڻ وارا (4) ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا پسنديده ٻانها هئا.

## واعدي جا سچا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهہ ذهن نشين فرمائي وٺو تہ سڀ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام واعدي جا سچا آهن، پر حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام ان صفت ۾ خاص شهرت رکندا آهن. پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن نندپڻ ۾ پنهنجي والدِ محترم حضرت سَيِّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان ڪيل واعدو ذبح جي وقت صبر ۽ رضا سان گڏ بخوبي پورو فرمايو.

(تفسير خازن،۴/۲۲)

هڪ ڀيري پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ شخص سان هڪ جڳهہ تي ملڻ جو واعدو ڪيو ۽ پاڻ ان مقام تي پهچي ويا پر جنهن شخص کي اچڻو هو ان کان وسري ويو ايستائين جو شام تي وئي، پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انهيءَ جڳهہ تي پوري رات گذاري ڇڏي. صبح جڏهن اهو شخص آيو تہ توهان کي موجود ڏٺائين تہ حيرت ۾ پئجي ويو ۽ عرض ڪيو:توهان هتان کان ويا ناهيو؟ تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ارشاد فرمايو: نہ، تنهنجي اچڻ کان پهريان آئون ڪيئن هليو وڃان ها.

(تفسير طبري،۴/ ۳۵۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪهڙي نہ عُمده صفت جا مالڪ هئا جو پاڻ نبي تي ڪري بہ پنهنجي هڪ اُمّتي سان ڪيل واعدو نڀائڻ جي لاءِ پوري رات انهيءَ مقام تي بيٺا رهيا. تنهنڪري جيستائين ڪا شرعي مجبوري نہ هجي تہ اسان کي بہ ان پياري



www.dawateislami.net

عادت کي اپنائيندي کنهن سان کيل واعدو ضرور نڀائڻ گهرجي. پر افسوس صد افسوس! جو اڄ اسان معاشري ۾ وعده خلافي عام ٿي رهي آهي ۽ ان کي مَعيُوب (بُرو) بہ نٿو سمجهيو وڃي، جڏهن تہ واعدي خلافي ۽ عهد شڪني (واعدو ٽوڙڻ) حرام ۽ ڪبيره گناهہ آهي، ڇو جو واعدو پورو ڪرڻ مسلمان تي شرعًا واجب ۽ لازم آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ سيپاري 6 سُوْرَةُالمائده جي آيت نمبر 1 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ؕ

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي ايمان وارؤ!پنهنجا قول پورا ڪريو.

(پ:6، سورة المائده آيت 1)

اهڙي طرح سيپاري 15 سُورهٔبَنِی اِسرَائِیل جي آيت نمبر 34 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۴﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ واعدي بابت پڇا ٿيڻي آهي.

(پ:15، سوره بني اسرائيل آيت 34)

حضرت عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪو مسلمان عهد شڪني ۽ واعده خلافي ڪري، ان تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ فرشتن ۽ تمام مخلوق جي لعنت آهي ۽ ان جو نہ ڪو فرض قبول ٿيندو نہ نفل.

(صحيح البخاري،ڪتاب الجزية والموادعة، باب اثم من عاهدثم غدر، الحديث٣١٧٩، ج٢،ص٣٧٠)

هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ ماڻهو ان وقت تائين هلاڪ نہ ٿيندا جيستائين جو اهي پنهنجي ماڻهن سان عهد شڪني نہ ڪندا.

(سُنَنِ ابوداؤد، ج۴،ص١٦٦،حديث۴٣۴٧)



www.dawateislami.net

## واعدي خلافي ڪنهن کي چوندا آهن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو تہ واعدي خلافي ڪرڻ واري جي متعلق ڪيتري قدر سخت وعيدون آهن جو واعدي خلافي ڪرڻ واري تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جا فرشتا ۽ تمام انسانن جي لعنت هوندي آهي، نہ ان جو ڪو فرض قبول ٿيندو آهي نہ نفل.

حضور پُرنور، سيّدُ العٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "واعدي خلافي هي ناهي تہ ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي نيت ان کي پورو ڪرڻ جي بہ هجي بلڪ واعدي خلافي هي آهي تہ ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي نيت ان کي پورو ڪرڻ جي نہ هجي." (الجامع لاخلاق الراوي للخطيب البغدادي، ص٣١٥، رقم١١٦٨)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ جڏهن ڪو شخص پنهنجي ڀاءُ سان واعدو ڪري ۽ ان جي نيت ان کي پورو ڪرڻ جي هجي پوءِ پورو نہ ڪري سگهي، واعدي تي نہ اچي سگهي تہ ان تي گناهہ ناهي.

(سُنَنِ ابوداؤد ج۴ ص ٣٨٨ حديث ٤٩٩٥)

حسد، وعدہ خِلافی، جُھوٹ، چُغلی،غیبت و گالی
مجھے ان سب گُناہوں سے ہو نَفرت یَارَسُولَ اللّٰہ

مرے اَخلاق اچھے ہوں مرے سب کام اچھے ہوں
بنا دو مجھ کو تم پابندِ سُنَّت یَارَسُولَ اللّٰہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جون پاڪيزه خوبيون جيڪي قرآنِ پاڪ ۾ بيان ٿيون، ان مان هڪ بہ آهي تہ



www.dawateislami.net

وَكَانَ يَأْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ حڪم ڏيندو هو پنهنجي گهروارن کي نماز ۽ زڪوٰة جو.

معلوم ٿيو تہ پنهنجي اهل و عيال کي نيڪ عملن جي ترغيب ڏيارڻ نماز جو عادي بنائڻ، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سُنت آهي. تنهنڪري اسان بہ نماز جي اهميت کي سمجهندي نہ صرف پاڻ کي پنج نمازون پابندي سان گڏ مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ باجماعت ادا ڪرڻ گهرجن بلڪ پنهنجي سمجهدار ٻارن کي بہ گڏ وٺي وڃڻ گهرجي. ياد رکو! جيڪڏهن اسان نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ پنهنجي سمجهدار ٻارن کي بہ مسجد وٺي ويندا سين تہ انهن جو ننڍو ذهن ننڍپڻ کان ئي نمازن جي طرف مائل ٿيڻ لڳندو ڇو جو جيڪا ڳالهہ ٻارن جي ذهن ۾ ننڍپڻ کان ئي ويهي رهي فطري طور تي وڏو ٿيڻ وقت بہ اها ڳالهہ انهن جي ذهنن ۾ راسخِ (پُختي) ٿي ويندي آهي. ٻارن کي نماز جو عادي بنائڻ جي لاءِ وقتًا فوقتًا نماز جا فضائل بہ ٻڌائيندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اسان جا ٻار ننڍي عمر ۾ ئي پڪا نمازي بڻجي ويندا. في زمانو اولاد جي سٺي تربيت ڪرڻ ۽ انهن کي ننڍپڻ کان ئي نماز روزي ۽ عبادتن جو عادي بڻائڻ تمام ضروري آهي. اولاد جي سُنتن جي مطابق صحيح تربيت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 188 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**تربيتِ اولاد**" جو مطالعو ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي تعليمات جي مطابق اولاد جي بهترين تربيت ڪرڻ ۾ هي ڪتاب معاون ثابت ٿيندو. ياد رکو! پنهنجي اولاد کي ڪنهن بہ نيڪ ڪم جي ترغيب ڏيارڻ کان پهرين پاڻ ان ڪم کي ڪرڻ جي عادت ٺاهڻي پوندي! نہ تہ اسان جي



www.dawateislami.net

ڳالهہ اثر انداز نہ ٿيندي ۽ ڀرپور نتيجا حاصل ٿيڻ دشوار ٿيندا. تنهن جي ڪري پنهنجي اولاد کي نماز وغيره جي ترغيب ڏيارڻ کان پهرين پاڻ نماز پڙهڻ جي مضبوط عادت ناهڻي پوندي. قرآنِ ۽ حديث ۾ نماز پڙهڻ وارن جي لاءِ ڪيترين ئي بشارتون ۽ نماز جون بي شمار فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن، اچو تہ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ نماز جي پابندي جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ فرمانِ خداوندي ٻڌون ٿا: سيپاري 6 سُوْرَةُ الْمَآئِدہ جي آيت نمبر 12 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ لَقَدْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ۚ وَ بَعَثْنَا مِنْهُمُ اثْنَيْ عَشَرَ نَقِيْبًا ؕ وَ قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مَعَكُمْ ؕ لَئِنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَيْتُمُ الزَّكٰوةَ وَ اٰمَنْتُمْ بِرُسُلِيْ وَ عَزَّرْتُمُوْهُمْ وَ اَقْرَضْتُمُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَ لَاُدْخِلَنَّكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ

(پ:6، سورهء المائده آيت 12)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ بي شڪ الله بني اسرائيل کان عهد ورتو ۽ اسان انهن مان ٻارنهن سردار قائم ڪيا ۽ الله فرمايو بي شڪ مان توهان سان گڏ آهيان ضرور جيڪڏهن توهان نماز قائم رکو ۽ زڪوات ڏيو ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ انهن جي تعظيم ڪريو ۽ الله کي قرض حسن ڏيو بي شڪ مان توهان جا گناهہ لاهي ڇڏيندس ۽ ضرور توهان کي باغن ۾ وٺي ويندس جن جي هيٺان نهرون جاري آهن.

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نمازين جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ڪهڙا ڪهڙا انعام آهن جو انهن کي جنت ۽ مغفرت جون بشارتون ڏنيون پيون وڃن ۽ اجرِ عظيم جون خوشخبريون بہ ٻڌايون پيون وڃن. احاديثِ مبارڪ ۾ بہ نماز جي وڏي اهميت ۽ رغبت ڏياري وئي آهي، اچو تہ ترغيب جي لاءِ (2) فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

1. الله عَزَّوَجَلَّ پنج (5) نمازون فرض فرمايون آهن، جيڪو انهن جي لاءِ بهتر نموني سان وضو ڪري ۽ انهن کي انهن جي وقت ۾ ادا ڪري ۽ ان جا رڪوع ۽ سجود خشوع سان پورا ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ جيڪو انهن کي ادا نہ ڪندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمي ان جي لاءِ ڪجھ ناهي، چاهي تہ ان کي معاف فرمائي ۽ چاهي تہ ان کي عذاب ڏئي.

(سنن ابوداؤد ، ڪتاب الصلوٰة ، باب المحا فظة علي وقت الصلوات، رقم ۴۲۵، ج۱، ص۱۸۶)

2. جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي اڱڻ ۾ واهہ هجي، هر روز پنج ڀيرا ان ۾ غسل ڪري تہ ڇا ان تي ڪجھ مير رهندو؟ ماڻهن عرض ڪيو: جي نہ. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: نماز گناهن کي اهڙي نموني ڌوئي ڇڏيندي آهي جيئن پاڻي مير کي ڌوئي ڇڏيندو آهي.

(سنن ابن ماجه، ج۲، ص۱۶۵، حديث۱۳۹۷)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ نماز پڙهڻ وارا ڪيتري قدر خوشنصيب آهن جو انهن تي رحمتِ الٰهي جي اهڙي بارش ٿيندي آهي جو انهن جي گناهن کي ڌوئي ڇڏيندي آهي، نماز جي برڪت سان پُنيان گناهہ تہ معاف ٿي ويندا آهن، آئنده بہ انسان گناهن ۽ بي حيائي جي ڪمن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻ لڳندو آهي. نماز جي عادت باقي رکڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪريو، علاقائي دوره براءِ **نيڪي جي دعوت** ۾ حصو وٺو ڳڙوڳڙ پنهنجي مسجدن، پاڙي ۽ گهرن ۾ درسِ فيضان سُنت کي جاري ڪريو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي بہ نمازن جي عادت رهندي ۽ ٻين کي بہ **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ جو عظيم ثواب هٿ ايندو.



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ذُوالْحِجَّةُ الْحَرَام جو مهينو عنقريب اسان جي درميان جلوه گر ٿيڻ وارو آهي ۽ هي وڏو بابرڪت ۽ رحمتن جو مهينو آهي، تنهنڪري جيترو وڌيڪ ٿي سگهي هن مهيني ۾ عبادت ۽ رياضت جو اهتمام ڪيو وڃي ۽ ٿي سگهي تہ هن ۾ مهيني نفلي روزا رکڻ جي بہ سعادت حاصل ڪئي وڃي تہ نفلي روزن جون بي شمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن گڏوگڏ احاديثِ مبارڪہ ۾ ذُوالْحِجَّةُ الْحَرَام جي پهرين عَشَري (پهرين ڏهہ (10) ڏينهن) جا فضائل بہ بيان ٿيا آهن.

## شبِ قدر جي برابر فضيلت

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي، "اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي عشرهءِ **ذوالحجة** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ پنهنجي عبادت ڪئي وڃڻ پسنديده ناهي ان جي هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قيام **شبِ قدر** جي برابر آهي."

(جامع ترمذي ج۲ص۱۹۲حديث۷۵۸)

## عَرَفَ جو روزو

حضرتِ سَيِّدنا ابوقتاده رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي سلطانِ مدينه، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: "مون کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تي گمان(اميد) آهي تہ **عرفہ** (**يعني** 9 **ذوالحجة الحرام**) جو روزو هڪ سال پهريان ۽ هڪ سال بعد جا گناهہ مٽائي ڇڏي ٿو".

(صحيح مُسلم ص۵۸۹،حديث:۱۹۶)



www.dawateislami.net

## هڪ روزو هزار (1000) روزن جي برابر

**اُمُّ المؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کان روايت آهي، رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، **عرفه** (**يعني 9 ذوالحجة الحرام** ) **جو** روزو هزار روزن جي برابر آهي. (شُعَبُ الايمان ج۳ ص۳۵۷حديث۳۷۶۴)

پر حج ڪرڻ واري تي جيڪو **عَرَفَات** ۾ آهي ان ڪي عرفه (**يعني 9 ذوالحجة الحرام**) جي ڏينهن روزو رکڻ مڪروهه آهي جو حضرتِ سَيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **عَرَفه** (**يعني9 ذوالحجة الحرام جي ڏينهن حاجيءَ ڪي**) عرفات ۾ روزو رکڻ کان منع فرمايو.

(صحيح ابن خُزيمه ج۳ص۲۹۲حديث:۲۱۰۱)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ملاحظ فرمايو تہ ذُوالحِجَّةُالحَرَام جي مهيني ۾ روزي رکڻ جون ڪيتري قدر فضيلتون ۽ برڪتون آهن، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ان مهيني ۾ قرباني ۽ ٻين عبادتن سان گڏوگڏ نفلي روزا رکڻ جي بہ عادت بڻايون، اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي سبب اسان کي بي شمار رحمتون ۽ برڪتون حاصل ٿينديون.

نماز و روزہ و حَجّ و زکوٰۃ کی توفیق
عطا ہو اُمّتِ محبوب کوسدا یاربّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سيرتِ مبارڪ جي حوالي سان بيان ٻڌو تہ

- پاڻ عَلَيۡهِ‌السَّلَام جو مقام ۽ مرتبو اللہ عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ نهايت بلند ۽ اعليٰ آهي.
- پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي احڪامن کي بجا آڻڻ جي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا.
- پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پوري زندگي پنهنجي اُمّت کي نيڪي جي دعوت پيش ڪندا رهيا.
- پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ پنهنجي والد جا بهترين مددگار ثابت ٿيا.
- آبِ زم زم جو عظيم معجزو پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ئي مبارڪ قدمن سان نسبت رکندو آهي.
- قرآنِ پاڪ ۾ پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو 4 خوبيون بيان ٿيون يعني (1) صادقُ الوعد يعني واعدي جا سچا (2) غيب جون خبرون ڏيڻ وارا (3) اهل ۽ عيال کي نماز ۽ زڪوٰة جو حڪم ڏيڻ وارا (4) ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جا پسنديده ٻانها هئا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ سوچڻ گهرجي تہ اسان کي بزرگانِ دين جي ڪردار کي سامهون رکندي ان تي ڪيتري قدر عمل ڪندا آهيون؟ اسان کان تہ جان قربان ڪرڻ جو مطالعو بہ نہ پيو ڪيو وڃي، اسان تي اسان جي طاقت کان وڌيڪ بوجھ نہ پيو وڌو وڃي، پر پوءِ بہ اسان کان آسان



www.dawateislami.net

ڪان آسان نيڪ عمل ادا نہ ٿا ٿي سگهن. ٿورو غور ڪريو جيڪڏهن اسان انهيءَ غفلت ۾ دنيا مان هليا وياسين تہ قبر ۾ اسان جو ڇا ٿيندو؟ ۽ حشر ۾ اسان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ڇا جواب ڏينداسين؟ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي حضرت سَيِّدُنا اِسمٰعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي صدقي صبر ۽ شڪر سان گڏ شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ، پنهنجي ٻارن جي اسلامي اصولن جي روشني ۾ تربيت ڪرڻ ۽ ان مهيني ۾ نفلي روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلسِ مڪتبة المدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ تبليغِ قرآن ۽ سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي ڏينهن رات دين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي ۽ تقريباً 97 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهي شعبن ۾ هڪ شعبو مڪتبة المدينہ بہ آهي. ياد رهي موجوده دور ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ جديد ذريعن ۽ وسيلن جو استعمال وڏي اهميت جو حامل آهي. جيئن تہ شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو آغاز ١٤٠٦ھ بمطابق 1986ء ۾ فرمايو ۽ سڀ کان پهريان بيانن جون آڊيو ڪيسيٽون جاري ڪيون ويون. مڪتبة المدينہ ان مختصر عرصي ۾ جيڪا ترقي ڪئي اها پنهنجو مثال پاڻ آهي ڇو جو آڊيو ڪيسيٽن سان آغاز ڪرڻ واري مڪتبة المدينہ جي تحت اڄ باقاعده وي.سي.ڊي مڪتب ۽ پاڪستان جي شهر **بابُ المدينہ** (ڪراچي) ۾ هڪ عدد پرنٽنگ پريس



www.dawateislami.net

(Printing Press) ڪم ڪري رهي آهي، جيڪا ان شعبي جي متعلق (Related) هر قسم جي جديد سهولتن ۽ ضرورتن سان آراستہ آهي ۽ ان مختصر عرصي ۾ مڪتبة المدينہ کان جتي سُنتن ڀريي بيانن ۽ مدني مذاڪرن جون هزارين ڪيسيٽون ۽ وي.سي.ڊيز پوري دنيا ۾ پهتيون ۽ پهچي رهيون آهن، اُتي سرڪارِ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ ٻين علماءِ اهلسُنت جا ڪتاب بہ ڇپائي جي زيور سان سينگارجي لکن جي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي سُنتن جا گُل مهڪائي رهيا آهن.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوت اسلامی تیری دھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت ڦهلائڻ ۾ **دعوتِ اسلامي** جو ساٿ ڏيو، پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ خوب خوب حصو وٺو! انهن مان روزانہ جو هڪ مدني ڪم "**مسجد درس**" بہ آهي. منقول آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيِّدُنا موسٰي ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طرف وحي فرمائي: ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، آئون ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وحشت نہ ٿئي. (حِلية الأولياء ج٦، ص٥ حديث٧٦٢٢) بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ سنين



www.dawateislami.net

سنين نيتن سان گڏ سُنتن ڀريا بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا ڀاڳ ئي ڀلا آهن، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندر کان جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. انهي لاءِ ڀين مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ سان گڏوگڏ خوب خوب **مسجد درس** ڏيڻ جي بہ ڪوشش ڪريو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اچو تہ مدني ماحول جي برڪتن سان مالا مال هڪ **مدني بهار** ٻڌون ٿا. جيئن تہ

## مدني بهار

مَترا (**هند**) جي هڪ اسلامي ڀاءِ جو ڪجهه هيئن بيان آهي تہ : آئون هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبۃالمدينہ کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ "T.Vکی تباہ کاریاں" ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، آئون دعوت اسلاميءَ جي مدني ماحول سان مُنسلڪ ٿي ويس، مونکي Appendix (آنڊن ۾ سوڄ) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گهبرائجي ويس ايتري ۾ دعوت اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني مدني انعامات جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ گهمي ڦري ڪري صداءِ مدينہ لڳائيندو آهيان.

(فيضان سنت ص 248)



www.dawateislami.net

بے عمل باعمل بنتے ہیں سَر بَسر تُو بھی اے بھائی کر قافلے میں سفر
اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر کاش! کرلے اگر قافلے میں سفر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشکوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

## عمامي شريف جي متعلق ڪجھ اهم مدني گُل

۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري ٻيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس ص 38) ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇھ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاويٰ رضويہ ج22 ص 186) ۞ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ٿي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروه آهي. (فتاوي رضويہ مخرّجہ ج 7 ص 299) ۞ عمامي کي جڏهن نئين سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌل آهي ايئن کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330) ۞ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ مٽايو ويندو. (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 214) **عمامي جا ڇھ طبي فائدا ملاحظ فرمايو:** مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي



www.dawateislami.net

نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل 2 ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي. (101مَدَني گل،ص۲۷)

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[3]

---

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.(4)

## (4) ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.(5)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنھنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ائين پڙھندو آھي.(6)

---

4 ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

5 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

6 ...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

---

7 … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

8 … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

**غرائب القرآن** صفحہ 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net